SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2002

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2002

سنڌ نجي تعليمي ادارا (نظامءِ ضابطو) آرڊيننس، 2001

THE SINDH PRIVATE EDUCATIONAL INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ادارو جاري رکڻ جو قيام
Establishment of continuance of an institution

4. اداري جي رجسٽريشن لاءِ درخواست
Application for registration of an institution

5. درخواست بابت جاچ ۽ سفارش
Enquiry and recommendation about the application

6. اداري جي رجسٽريشن
Registration of an institute

7. مانيٽرنگ، انسپيڪشن وغيره
Monitoring, Inspection, etc

8. رجسٹريشن جو سرٽيفڪيٽ رد يا معطل ڪرڻ
Cancellation or suspension of certificate of registration
9. اپيل
Appeal
10. سالياڻيون رپورٽون
Annual reports
11. ڏنڊ
Penalty
12. ڏوهه تي دائره اختيار
Cognizance of offence
13. ضمانت
Indemnity
14. قاعدا
Rules
15. 1970 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVI جي دفعه 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance No.XVI of 1970
16. منسوخي
Repeal

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2002
SINDH ORDINANCE NO.II OF 2002
سنڌ نجي تعليمي ادارا (نظامءِ ضابطو) آرڊيننس، 2001
THE SINDH PRIVATE EDUCATIONAL INSTITUTIONS (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2001

[5 جنوري 2002]

آرڊيننس جنهن ذريعي صوبي ۾ نجي تعليمي ادارن کي انتظامءِ ضابطو مهيا ڪيو ويندو؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ صوبي ۾ نجي تعليمي ادارن کي انتظامءِ ضابطو مهيا ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ءِ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ءِ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ءِ ان سلسلي ۾ ملهيل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نجي تعليمي ادارا (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2001 سڏيو ويندو.
(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.هن آرڊيننس ۾ جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:
(i) "موجود ادارو" مطلب هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ وقت موجود ادارو؛
(ii) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛
(iii) "ادارو" مطلب هڪ نجي طور انتظام ڪيل يونيورسٽي، ڪاليج، اسڪول، ٽيڪنيڪل، پروفيشنل، ووڪيشنل يا ڪمرشل ادارو، جيڪو ڪنهن به قسم جو تعليمي نظام يا پڙهائي فراهم ڪري رهيو هجي؛
(iv) "بيان ڪيل" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدن موجب بيان ڪيل؛
(v) "نجي انتظام هيٺ" مطلب جيڪو حڪومت يا ڪنهن بادي يا اٿارٽي جي مالڪي يا انتظام هيٺ نه هجي يا حڪومت جي ضابطي هيٺ نه هجي؛
(vi) "قاعدا" مطلب هن آرڊيننس تحت جوڙيل قاعدا؛
(vii) "رجسٽرنگ اٿارٽي" مطلب اسڪولن جي صورت ۾، ريجن جي اسڪول ايجوڪيشن جو ڊائريڪٽر، يا ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن يا ووڪيشن ايجوڪيشن جي صورت ۾، ڊائريڪٽر آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن سنڌ، يا ٻي ڪنهن صورت ۾، ڪو شخص يا اٿارٽي اهڙيءَ ريت

حڪومت طرفان مقرر ڪئي وئي هجي.

ادارو جاري رکڻ جو قيام
Establishment of continuance of an institution

3.هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ ڪو به ادارو قائم ڪيو يا جاري رکيو نه ويندو.

ادارو جي رجسٽريشن لاءِ درخواست
Application for registration of an institution

4. (1) ڪو شخص جيڪو موجود اداري يا نئين کي جاري رکڻ جو قيام ڪرڻ جو ارادو رکندو هجي، اهو رجسٽرنگ اٿارٽي کي بيان ڪيل فارم تي اهڙن ڪاغذن ۽ في سان گڏ درخواست ڏيندو، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪو به موجود ادارو هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ ڪم جاري رکي سگهي ٿو پر اهو عرصو نوي ڏينهن کان وڌيڪ نه هجي ۽ جتي ذيلي دفعه (1) تحت درخواست ڪئي وئي آهي ته جيستائين درخواست رد نه ٿي ٿئي يا جيڪڏهن دفعه 9 تحت کا اپيل ڪئي وئي آهي ته جيستائين ان اپيل تي فيصلو نٿو اچي تيستائين اهو ڪم جاري رکندو.

(3) هر ادارو يا ان جي شاخ جيڪا ساڳي انتظاميا يا نالي سان مختلف هنڌن تي ڪم ڪري ٿو اهو ڌار ڌار رجسٽر ڪيو ويندو.

درخواست بابت جاچ ۽ سفارش
Enquiry and recommendation about the application

5. (1) رجسٽرنگ اٿارٽي دفعه 4 تحت درخواست ملڻ تي اهڙن معاملن جتي جاچ لاءِ جاچ ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) جاچ ڪميٽي ذيلي دفعه (1) تحت درخواست ملڻ جي ٽيهن ڏينهن اندر رجسٽرنگ اٿارٽي کي پنهنجون سفارشون اماڻيندي.

(3) رجسٽرنگ اٿارٽي جاچ ڪميٽي جي رپورٽ تي غور ڪرڻ کانپوءِ اهڙي وڌيڪ جاچ ڪرڻ کانپوءِ جيئن اها ضروري سمجهي، درخواست منظور يا رد ڪري سگهي ٿي.

(4) رجسٽرنگ اٿارٽي درخواست منظور ڪرڻ يا رد ڪرڻ بابت سبب رڪارڊ ڪندي.

بشرطيڪ انڪار جو ڪو به حڪم جاري نه ڪيو ويندو: سواءِ لاڳاپيل ماڻهو کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ جي.

اداري جي رجسٽريشن
Registration of an institute

6. (1) جتي رجسٽرنگ اٿارٽي درخواست جي منظوري ڏئي ٿي، اها اداري کي رجسٽر ڪندي ۽ اهڙي درخواست تي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪندي ۽ جنهن ۾ اهڙيون شرطون ۽ ضابطا شامل هوندا، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ اهو ته:

(i) ڪو چندو شاگرد کان رضاڪارانا طور يا ٻي صورت ۾ اداري جي ترقياتي پروجيڪٽن لاءِ نه اوڳاڙيو ويندو؛

(ii) اداري جي في جي معاملن ۾ رجسٽرنگ اٿارٽي مداخلت نه ڪندي پر في جاري تعليمي مالي سال دوران نه وڌائي ويندي؛

(iii) داخلا وقت شاگرد کي ڏنل سهولتون ختم ڪيون يا گهٽايون نه ويندیون.

(2) رجسٽرنگ اٿارٽي رجسٽر ٿيل اداري ۽ جنهن کي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي، ان جي اهڙن تفصيلن جو رجسٽر رکندي، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(3) اهو ماڻهو جنهن کي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي، اهو هن آرڊيننس جي گنجائشن، قاعدن ۽ رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي شرطن ۽ ضابطن ۽ حڪمن تي عمل درآمد جو ذميوار هوندو. جيڪڏهن ڪو جاري ڪيو ويو هجي يا رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان وقت بوقت جيڪي هدايتون جاري ڪيون ويون هجن.

مانيٽرنگ، انسپيڪشن وغيره
Monitoring, Inspection, etc

7. (1) اداري جي رجسٽرنگ اٿارٽي نظرداري ڪندي ۽ انهيءَ مقصد لاءِ رجسٽرنگ اٿارٽي يا انهيءَ طرفان مجاز ٻڌايل ڪو ماڻهو اداري ۾ داخل ٿي سگهي ٿو ۽ جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو ته جيئن اهو ڏسي سگهجي ته اداري کي هن آرڊيننس، قاعدن ۽ ضابطن موجب هلايو پيو وڃي، جيڪي ان جي رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ ۾ ڄاڻايا ويا آهن. اداري جي انتظاميا جاچ ڪرڻ واري کي گهربل سهولتون مهيا ڪندي ته جيئن جاچ پڙتال صحيح نموني سان ڪئي وڃي.

(2) رجسٽرنگ اٿارٽي يا مجاز ٻڌايل ماڻهو جاچ پڙتال ڪانپوءِ اهڙا حڪم جاري ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي ۽ اهڙيءَ ريت جاري ڪيل حڪم تي ان ماڻهو طرفان عمل ڪيو ويندو جنهن کي رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويو آهي.

رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ رد يا معطل ڪرڻ
Cancellation or suspension of

8. (1) جتي رجسٽريشن اٿارٽي، شڪايت ملڻ تي يا ٻي صورت ۾، اهڙي جاچ پڙتال ڪرڻ ڪانپوءِ جيئن اها مناسب سمجهي، مطمئن آهي ته هن آرڊيننس يا قاعدن يا رجسٽريشن سرٽيفڪيٽن جي شرطن ۽ ضابطن يا ڪنهن جاري ڪيل حڪم يا رجسٽريشن اٿارٽي طرفان ڪيل

certificate of registration

هدايت سان ڪجھ ٽڪراءَ ۾ آهي تہ اها لاڳاپيل ماڻھو کي ٻڌڻ جو موقعو ڏيڻ کانپوءِ رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ معطل يا رد ڪري سگھي ٿي.

بشرطيڪ جتي نقص تلافي لائق آهي تہ ڪو بہ حڪم تيستائين جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين لاڳاپيل شخص کي اهڙو نقص ڇاڻايل عرصي دوران درست ڪرڻ جو موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

(2)رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ رد ٿيڻ يا ملتوي ٿيڻ تي، رجسٽرنگ اٿارٽي سنڌ پرائيويٽ اسڪولز (انتظام ۽ ضابطو) ايڪٽ، 1974 تحت ڪنهن قدم سان تضاد ڪانسواءِ، اهڙا حڪم جاري ڪري سگھي ٿي ۽ موجود تعليمي مدو پورو ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهڙو قدم کڻي سگھي ٿي، جيئن اها ضروري سمجھي.

اپيل
Appeal

9. جتي رجسٽريشن اٿارٽي رجسٽريشن لاءِ درخواستون رد ڪري ٿي يا رجسٽريشن جو سرٽيفڪيٽ ملتوي يا رد ڪري ٿي تہ متاثر ماڻھو، رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان حڪم جاري ڪرڻ واري تاريخ کان ٽيھن ڏينھن اندر، حڪومت کي اپيل ڪري سگھي ٿو ۽ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي ھوندو ۽ ان تي رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان عمل ڪيو ويندو.

سالياني رپورٽون
Annual reports

10. (1) ادارا حڪومت کي ھر سال سالياني آڊٽ اڪائونٽس جي رپورٽ، اداري جي گذريل مالي سال جي سرگرمين بابت رپورٽ ۽ ان جي سرگرمين سان لاڳاپيل اهڙي معلومات جمع ڪرائيندا، جيڪا رجسٽرنگ اٿارٽي طرفان طلب ڪئي وڃي.

(2) رجسٽرنگ اٿارٽي وقت بوقت اهڙيون هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي، جيئن اها ادارن طرفان عمل درآمد لاءِ ضروري سمجهي.

ڏنڊ
Penalty

11. دفعہ 4 جي گنجائشن موجب، جيڪو بہ هن آرڊيننس جي گنجائشن يا قاعدن سان ٽڪراءَ ۾ ادارو هلائي ٿو اهو قيد جي سزا لائق هوندو، جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ سان گڏ جيڪو ڏوهہ جاري رهڻ جي عرصي دوران هر روز پنج سئو رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

ڏوهہ تي دائره اختيار
Cognizance of offence

12. ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪيل ڏوهہ تي دائره اختيار نہ هوندو سواءِ ان جي تہ رجسٽرنگ اٿارٽي يا ان طرفان ان سلسلي ۾ بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ درخواست ڪئي وڃي ۽ فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ کان گهٽ عدالت اهڙي ڏوهہ تي ٻڌڻي نہ ڪندي.

13. ڪنهن بہ عدالت کي اداري جي ڪنهن جاري ڪيل هدايت يا ڪيل حڪم تي يا ڪجهہ ڪرڻ تي يا هن آرڊيننس تحت ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪارروائي ڪرڻ، فيصلو ٻڌائڻ يا ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪرڻ جو دائره اختيار نہ هوندو.

ضمانت
Indemnity

14. هن آرڊيننس تحت سڀني نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪو بہ ڪيس يا قانوني ڪارروائي حڪومت، رجسٽرنگ اٿارٽي يا هن آرڊيننس تحت ڪم ڪندڙ ڪنهن شخص خلاف نہ ٿيندي.

قاعدا
Rules

15. (1) حڪومت هن آرڊيننس جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2)خاص طور تي ۽ مٿي ڄاڻايل اختيارن سان تضاد ڪانسواءِ اهڙا قاعدا فراهم ڪن ٿا:

(a) طريقيڪار جنهن تي شاگرد جي والدين ۽ سنياليندڙ يا استاد يا اداري جي ٻئي استاف ۽ ان جي انتظاميا وچ ۾ تڪرار کي نبيرڻ لاءِ عمل ڪيو ويندو.

(b) پي اسڪيلس الائونسز موڪل ۽ ٻيا فائدا جيڪي استادن ۽ اداري جي ٻئي استاف کي ڏنا ويندا.

(c) شاگردن کي سهولتن جون گنجائشون، فيس طئي ڪرڻ ۽ ٻي رقم جيڪا اداري طرفان شاگردن کان ورتي ويندي.

(d) اداري جي شاگردن کي في رعايتون ۽ اسڪالرشپس ڏيڻ.

(e) قيام ۽ اداري ۾ مقرر استادن جا ڪم. ۽

(f) ٻيو ڪو معاملو جيڪو هن آرڊيننس جي گنجائشن ۾ بيان ڪيو وڃڻو هيو يا هو قاعدن ۾ بيان ڪيو ويندو.

1970 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XVI جي دفعہ 12 جي ترميم
Amendment of section 12 of Sindh Ordinance No.XVI of 1970

16. سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن آرڊيننس، 1970 جي دفعہ 12 جي ذيلي دفعہ (2 جي شق (i) ۾ لفظن "۽ ان سلسلي ۾ لازمي رجسٽريشن ذريعي ڊگري سطح کان هيٺ ٽيڪنيڪل، ووڪيشنل، انڊسٽريل ۽ ڪمرشل ايجوڪيشن جي ترقي جو پڻ انتظام ڪرڻ" کي ختم ڪيو ويندو.

منسوخي
Repeal

17. سنڌ رجسٽريشن آف ان ريڪگنائيزڊ ايجوڪيشنل انسٽيٽيوشنز آرڊيننس، 1962 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.